SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1988

SINDH ORDINANCE NO.II OF 1988

سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1988

THE SINDH COOPERATIVE HOUSING AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1988

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance V of 1982

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1988

SINDH ORDINANCE NO.II OF 1988

سنڌ ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1988

COOPERATIVE THE SINDH HOUSING AUTHORITY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1988

[27 جون 1988]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال جي تقاضا آهي تہ تڪڙو قدم کنيو وڃي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪو آپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) آرڊيننس، 1988 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982 جي دفعہ 6 ۾، ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو:

1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance V of 1982

"(2-A) حڪومت ذيلي دفعہ (2) تحت قدم کڻڻ کان اڳ، سوسائٽي کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪندي:

بشرطيڪ جيڪڏهن هنگامي بنياد تي تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي تہ، اهڙو موقعو معطل ڪيو ويندو، پر سوسائٽي کي جيترو جلد ٿي سگهي اهو موقعو ان کان پوءِ فراهم ڪيو ويندو:

بشرطيڪ وڌيڪ اهو بہ تہ جتي سوسائٽي کي قدم کڻڻ کان اڳ ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو آهي، حڪومت اهڙا عارضي حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، تہ جيئن سوسائٽي کي غلط عمل ۽ گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان بچائي سگهجي، جيئن مناسب هجي.".

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.